StudentBounty.com

नामांक Roll No.

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | |

No. of Questions — 12

No. of Printed Pages — 7

**S—74—Sindhi (T.L.)**

# SECONDARY EXAMINATION, 2011

## SINDHI

## ( Third Language )

Time : 3 $\frac{1}{4}$ Hours

Maximum Marks : 80

**परीक्षार्थियों के लिए सामान्य निर्देश :**

1. परीक्षार्थी सर्वप्रथम अपने प्रश्न पत्र पर नामांक अनिवार्यतः लिखें।

2. प्रत्येक प्रश्न का उत्तर दी गई उत्तर-पुस्तिका में ही लिखें।

1. किनि बि ब॒िनि जा हवाला डेई समुझायो – 3 + 3 = 6

(i) ''पराओ पैसो घर में टिकणो न आहे, बरकत पवन्दी पघर जे पोरिहिये में।''

(ii) ''केरु रंजाए ईज़ाउ रसाए, हाजी पहुंचाए त दुखी थियण जे बदिरां, बदिले चुकाइण बदिरां, दर गुज़र करे विसारे छड॒णि घुरिजे।''

(iii) ''मुहिंजे महलात खां हीअ झूपिड़ी लख भाङा वधीक सुठी आहे, जिते 'इन्सानियत' आहे।''

(iv) ''मुल्क माण्हुनि खां महान आहे, इनकरे नौजवाननि खे मुल्क जी तरकीअ लाइ कमु करण घुरिजे।''

سوال ۱ ڪن ٻہ ٻن جا حوالا ڏيئي سمجهايو: 3+3=6

(i) "پرايو پيسو گهر ۾ ٽڪڻو نہ آهي، برڪت پوندي پگهر جي پورهيي ۾."

(ii) "ڪيرُ رنجائي ايذاءُ رسائي، حاجي پهچائي تہ ڏکي ٿيڻ بدران، بدلي چڪائڻ بدران درگذر ڪري وساري ڇڏڻ گهرجي."

(iii) "منهنجي محلات کان هيءَ جهوپڙي لک ڀاڱا وڌيڪ سٺي آهي."

(iv) مُلڪ ماڻهن کان مهان آهي، انڪري نوجوانن کي ديس جي طرقي لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي۔

StudentBounty.com



2. किनि बि ट्टिनि जा जवाब लिखो – 4 + 4 + 4 = 12

(i) डा० कलाम गीता जे कहिड़े सिलोक ते वधीक आस्था रखे थो ?

(ii) कुन्दन, सुहराब ख़ान ऐं शेर अलीअ जे ख़ून जो राज़ु कींअ खोलियो ?

(iii) अस्पताल में नर्स खे ड्रिसी डाकू छो अधीर थींदो हो ?

(iv) अजीतु ड्रेती लेतीअ जे ख़िलाफ़ छो आहे ?

(v) पीरसन शाहूकार सां छो न थे गड्रिजण चाहियो ?

4+4+4=12. سوال 2 ڪن ٻہ ٽن جا جواب لکو.

1. ڊاڪٽر ڪلام گيتا جي ڪهڙي سلوڪ تي وڌيڪ آستا رکي ٿو؟

2. ڪندن، صحراب خان ۽ شيرعليءَ جي خون جو راز ڪيئن کوليو؟

3. اسپتال ۾ ڊاڪو نرس کي ڏسي ڇو اڌير ٿيندو هو؟

4. اجيت ڏيتي ليتيءَ جي خلاف ڇو آهي؟

5. پيرسن شاهوڪار سان ڇو نہ ٿي گڏجڻ چاهيو؟

3. ''सफ़र जो साथी'' पाठ जो सारु लिखी, 'साथीअ' जी हलति ते रोशिनी विझो। 5

या

मूल पापु कहिड़ो आहे ? स्वामी विवेकानन्द हिन, ड्रस में कहिड़ो सन्देशु ड्रिनो आहे ?

5. سوال 3 "سفر جو ساٿي" پاٺ جو سار لکو. ساٿيءَ جي هلت تي روشني وجهو. يا

مول پاپ ڪهڙو آهي؟ سوامي وويڪانند هن ڏس ۾ ڪهڙو سنديش ڏنو آهي.

4. किनि बि टिनि जा मतलब लिखो : 3 + 3 + 3 = 9

(i) ''पाणीअ मथे झूपिड़ा मूर्ख उञ मरनि
साहां आडो सुपिरीं, लोचे तां न लहनि
दमु न सुञाणनि, दांहूं कनि मुठनि जींअ।''

(ii) ''माक मोतियुनि हार थी, सींगार सब्ज़ीअ जो करीं,
तू जवाहर में झलक, लालनि अन्दर लालाणि तूं।''

(iii) ''वण जियां डे फलु ज़माने खे न लेकिन माणु करि,
सबुर ऐं निष्काम आदत खे सदाईं साणु करि।''

(iv) ''पहिरियाई हीअ राति त कटिजे,
सुबुह जी गुणिती 'श्याम' सुभाणे।''

(v) ''वीराना गुलज़ार बणाईनि जितिबि वञनि उति पाणु वणाईनि
जरकाइनि जहानु सिन्धी, आहे कौम महानु सिन्धी।''

سوال 4 ڪن ٻن ٽن جا مطلب لکو، 3+3+3=9

(i) "پاڻيءَ مٿي جھوپڙا مورک اُڃ مرن
سامهان آڏو سپرين، لوچي تان نه لهن
دم نه سڃاڻن، ڏاهون ڪن مُٺن جيئن."

(ii) "ماڪ موتين هار ٿي، سينگار سبزيءَ جو ڪرين
تون جواهر ۾ جهلڪ، لالن اندر لالاڻ تون."

(iii) "وڻ جيان ڏي ڦل زماني کي، نه ليڪن ماڻ ڪر
صبر ۽ نشڪام عادت کي سدائين ساڻ ڪر."

(iv) "پهريائين هيءَ رات ته ڪٽجي
صبوح جي ڳڻتي 'شيام' سڀاڻي."

(v) "ويرانا گلزار بڻائين جت ٻه وڃن اُت پاڻ وڻائين
جرڪائين جهان سنڌي، آهي قوم مهان سنڌي."

StudentBounty.com



5. किनि बि ॿिनि सुवालनि जा जवाब लिखो : 4 + 4 = 8

(i) 'सारो हि संसार गुण अवगुण जो रूप आ' जो मतिलबु समुझायो।

(ii) वण विॼयनि लाइ कींअ जीअनि था ?

(iii) सिज ऐं चण्ड मां ईश्वर कहिड़े रूप में नज़र अचे थो ?

(iv) शाह साहिब पुन्हूंअ जो आस्थान किथे थो ॿुधाए ?

4+4=8 سوال 5. ڪن ٻه ٻن سوالن جا جواب لکو

(i) "سارو هي سنسار گڻ اوگڻ جو روپ آ" جو مطلب سمجهايو.

(ii) وڻ ٻين لاءِ ڪيئن جيئن ٿا؟

(iii) سج ۽ چنڊ مان ايشور ڪهڙي روپ ۾ نظر اچي ٿو؟

(iv) شاه صاحب پنهونءَ جو آستان ڪٿي ٿو ٻڌائي؟

6. स्वामी टेऊँराम कहिड़ी रहिनी रहण लाइ चयो आहे ? खोले समुझायो। 5

या

'मिटीअ जी महक' में श्री खीमन मूलाणीअ, विराहङे खां पोइ सिन्धु जो कहिड़ो चिटु चिटियो आहे।

5 سوال 6 سوامي ٽيئوُن رام ڪهڙي رهڻي رهڻ لاءِ چيو آهي؟ کولي سمجهايو.

يا

"مٽيءَ جي مهڪ" ۾ شري کيمن مولاڻيءَ وراهاڱي کان پوءِ سنڌ جو ڪهڙو چٽ چٽيو آهي؟

7. ज़मीर जी परिभाषा लिखो। पंजनि मिसालनि खे जुमलनि में कमु आणियो। 3

3 سوال 7. ضمير جي پريڀاشا لکو. پنجن مثالن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.

StudentBounty.com



10. का बि हिक सिख्या प्रद आखाणी लिखो – 5

(i) ईमान दारीअ जो इनामु

(ii) <u>ज</u>ार ऐं कबूतर

(iii) फोरुअ मां महात्मा।

5. سوال10. ڪا ب هڪ سکيا پرد آکاڻي لکو :

1. ايمانداريءَ جو انعام
2. ڄار ۽ ڪبوتر
3. ڦوروءَ مان مهاتما

11. पंहिंजे दोस्त / साहिड़ीअ खे भाउ जी शादीअ में अचण लाइ कोठ <u>डीं</u>दे ख़तु लिखो। 5

या

पाड़े में थींदड़ चोरियुनि जी <u>ज</u>ाण <u>डी</u>न्दे, उन्हनि खे रोकण लाइ थाणेदार खे दरख़्वास्त लिखो।

5. سوال11. پنهنجي دوست/ساهڙيءَ کي ڀاءُ جي شاديءَ ۾ اچڻ لاءِ ڪوٺ ڏيندي خط لکو.

يا

پاڙي ۾ ٿيندڙ چورين جي ڄاڻ ڏيندي انهن کي روڪڻ لاءِ ٿاڻيدار کي خط لکو.

12. सलीस सिन्धीअ में तर्जुमो करियो – 5

प्रातःकाल का समय दिन का सबसे सरस व सुन्दर समय होता है। इस समय हवा बिल्कुल शुद्ध व ताजी होती है, जिसके सेवन से हमारे शरीर में ताज़गी और मन में स्फूर्ति आ जाती है। यह स्फूर्ति पूरे दिन मनुष्य को चुस्त और ताजा बनाये रखती है। इसलिये प्रातःकाल को सैर करना चाहिए।